SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريہ 1978

# SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 1978

# سنڌ سمال انڈسٽريز ۽ هينڈي ڪرافٽس ڊولپمينٽ ڪارپوريشن (ترميم) آرڊيننس، 1978

# THE SINDH SMALL INDUSTRIES AND HANDICRAFTS DEVELOPMENT CORPORATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1978

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. 1972 جي سنڌ ايڪٽ XXVI جي دفعہ 5 جي ترميم

Amendment of section 5 of Sindh Act XXVI of 1972

3. 1972 جي سنڌ ايڪٽ XXVI جي دفعہ 7 جي ترميم

Amendment of section 7 of Sindh Act XXVI of 1972

## 4. كنيل قدمن جي توثيق

## Validation of actions taken

# سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريہ 1978

# SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 1978

# سنڌ سمال انڈسٽريز ۽ هينڊي ڪرافٽس ڊولپمينٽ ڪارپوريشن (ترميم) آرڊيننس، 1978

# THE SINDH SMALL INDUSTRIES AND HANDICRAFTS DEVELOPMENT CORPORATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1978

[21 جون 1978]

سنڌ سمال انڈسٽريز ۽ هينڊي ڪرافٽس ڊولپمينٽ ڪارپوريشن ايڪٽ، 1972 ۾ ترميم جو آرڊيننس

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ سمال انڈسٽريز ۽ هينڊي ڪرافٽس ڊولپمينٽ ڪارپوريشن ايڪٽ، 1972 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي

آهي، جيڪا هن ريت هوندي:

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 جي اعلان موجب، قانون (نافذ هئڻ وارو تسلسل) حڪم، 1977 جي روشني ۾، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ سمال انڊسٽريز ۽ هينڈي ڪرافٽس ڊولپمينٽ ڪارپوريشن (ترميم) آرڊيننس، 1978 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1972 جي سنڌ ايڪٽ XXVI جي دفعہ 5 جي ترميم

Amendment of section 5 of Sindh Act XXVI of 1972

2. سنڌ سمال انڊسٽريز ۽ هينڈي ڪرافٽس ڊولپمينٽ ڪارپوريشن ايڪٽ، 1972 ۾، جنهن کي بعد ۾ بہ چاڻايل ايڪٽ چيو ويندو، ان جي دفعہ 5 ۾:

(i) ذيلي دفعہ (1) کي هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(1) بورڊ هيٺين تي مشتمل هوندو:

| | |
|---|---|
| (a) سيڪريٽري انچارج انڊسٽريز اينڈ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ | چيئرمين |
| (b) سيڪريٽري، فنانس ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ | ميمبر |
| (c) ڪارپوريشن جو مئنيجنگ | ميمبر |

| | | |
|---|---|---|
| | ڈائريڪٽر | |
| (d) | پلاننگ اينڈ ڈولپمينٽ ڈپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ جو هڪ نمائندو، جيڪو ڈپٽي سيڪريٽري جي رينڪ کان گهٽ نه هجي ايڈيشنل چيف سيڪريٽري (ڈولپمينٽ) طرفان نامزد ڪيو ويندو. | ميمبر |
| (e) | انڈسٽريل سيڪٽر سان ڈيل ڪندڙ آل پاڪستان ووومينس ايسوسيئيشن جو هڪ نمائندو | ميمبر |
| (f) | انڈسٽريل ڈولپمينٽ بئنڪ آف پاڪستان، ايڪسپورٽ پروموشن بيورو، حڪومت پاڪستان ۽ ٽريڈنگ ڪارپوريشن آف پاڪستان هر هڪ مان هڪ نمائندو | ميمبر |
| (g) | سنڌ صوبي جي نمائندگي ڪندڙ فيڈريشن آف دي چيمبرس آف ڪامرس جا ٻه ميمبر | ميمبرز"؛ |

(ii) ذيلي دفعه (3) ۾ لفظ ۽ ڪاما "ڈائريڪٽر، سمال

انڊسٽريز اينڈ ڈولپمينٽ ڪارپوريشن" کي لفظن "مئنيجنگ ڈائريڪٽر آف دي ڪارپوريشن" سان متبادل بڌايو ويندو.

3. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 7 ۾، ڪامائون ۽ لفظ "ان ميمبر ڪانسواءِ جيڪو صوبائي اسيمبلي جو ميمبر آهي،" ختم ڪيا ويندا.

1972 جي سنڌ ايڪٽ XXVI جي دفعہ 7 جي ترميم

Amendment of section 7 of Sindh Act XXVI of 1972

4. سنڌ سمال انڊسٽريز ۽ هينڈي ڪرافٽس ڈولپمينٽ ڪارپوريشن ايڪٽ، 1972 تحت بورڈ جا اختيار ۽ ڪم جيڪي هن آرڊيننس جي نافذ ٿيڻ کان اڳ سيڪريٽري انچارج آف دي انڊسٽريز اينڈ منرل ڈولپمينٽ ڈپارٽمينٽ طرفان استعمال ڪيا ويندا هئا، جيڪڏهن ڄاڻايل ايڪٽ سان متضاد نہ هجن، اهي ڪارگر سمجهيا ويندا، جيئن صورتحال هجي، بورڈ طرفان ڪيل سمجهيا ويندا.

ڪنيل قدمن جي توثيق

Validation of actions taken

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**